سياڻو سهو
بيوقوف بگهڙ

سنڌيڪار

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ٻارن لاءِ دلچسپ ڪهاڻيون

سياڻو سهو
بيوقوف بگهڙ

سنڌيڪار

ڊاڪٽر نواز علي شوق

تصويرون

حفيظ قاسماڻي

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

پبليڪيشن سيڪشن

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڇاپو پهريون 1989

تعداد 5000

قيمت: 00-12 رپيا

SYANO SAHO, BEWAQOOF BAGHAR
Published by: Department of Culture and Tourism
Government of Sindh
Printed by: Azad Communications, Karachi

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس) جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي وٽان ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)

جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياءُ الدين احمد روڊ ڪراچي.
فون- 513334

ڪمپوزنگ - يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس، ڪراچي

پيش لفظ

هن وقت تائين ٻارڙن جي ادب تي ايترو توجه نہ ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻارڙو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ٻارڙي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان ۾ ئي ٻارن جي پيڙهہ پختي ٿيندي آهي.

ٻارڙي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي تہ ٻارن کي بنيادي سائنس بابت ڪتاب مهيا ڪيون، جيئن ٻار جديد ٽيڪنالاجي واري دؤر جي ضرورت کي پاڻ محسوس ڪن ۽ وقت جي تقاضا موجب ذهني طرح تيار رهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سنئين راهہ تي وٺي وڃي ٿو ۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ بُري ڀَلي جي سمجهہ پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون تہ اسان جي هيءَ نماڻي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي
سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت
حڪومت سنڌ، ڪراچي.

گدڙ ۽ تِتر

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن پکي ۽ جانور پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا. گدڙ ۽ تِتر جي پاڻ ۾ گهاٽي ياري هئي، پر گدڙ هميشه تِتر تي ناراض رهندو هو. چوندو هيس ته ”يار مان جيتري توسان وفاداري ڪريان ٿو، تون ان جو اڌ به نه ٿو ڪرين ۽ پوءِ به ٻڌاءِ ٿو هٿين ته سچو دوست آهين“.

”نه يار! اهڙي ڳالهه نه آهي. مان واقعي تنهنجو سچو دوست آهيان. اهي تنهنجا اجايا خيال آهن.“ تتر کيس چيو.

”چڱو جيڪڏهن واقعي تون منهنجو سچو دوست آهين ته منهنجا ٽي شرط پورا ڪر.“

”ها ها، هي ته ٽي آهن، پر مان تنهنجا ٽيهه شرط پورا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ٻڌاءِ اهي

کهڙا شرط آهن.“ تِتر کيس چيو.

” پهريون تہ مون کي خوب کِلاءِ. ٻيو تہ مون کي ڊوءَ تي ماني کاراءِ، ٽيون تہ ڏکئي وقت ۾ منهنجي جان بچاءِ. پوءِ مان ميندس تہ واقعي تون سچو دوست آهين.“ گدڙ چيو.

”چڱو نيڪ آهي. مان هاٿي جو هاٿي تنهنجا اهي ٽئي شرط پورا ڪري ٿو ڏيکاريان. هاٿي هيٺ ڪر جو منهنجي پنيان هلندو اچ. جيڪڏهن مان توکي نہ کِلايان تہ پوءِ تون مون کي ڪائي ڇڏ جانءِ “.

هلندي هلندي ڏنائون تہ ٻہ ڄڻا هڪ ٻئي جي پنيان وڃي رهيا آهن. پهرين کي ڪانين جي ڀري مٿي تي هئي. پوئين کي پنهنجا جوتا هٿ ۾ هئا. تِتر اڏامي وڃي اڳئين همراه جي ڪانين تي ويٺو. پوئين همراه ڏٺو تہ هڪ تتر ڪانين تي ويٺو آهي. سوچيائين تہ واه جو شڪار هٿ آيو آهي. يڪدم هڪ ٻئي پنيان لتر ڪڍي وهائي ڪڍيائين. تِتر تہ اُڏامي ويو، پر لتر وڃي ڪانين واري همراه جي پٺڪي کي لڳا. همراه جو پٺڪو هيٺ ڪري پيو.

ڪانين وارو همراه ڪاوڙ ۾ باه ٿي ويو. پوئين شخص کي چيائين تہ”مون کي پادر چو ٿوهڻين؟ چريو آهين ڇا؟“ سندس دوست چيو تہ يار! ناراض نہ ٿي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ هڪ تتر اچي تنهنجي ڪانين تي ويٺو. مون سوچيو تہ دڳ ويندي شڪار هٿ آيو آهي. مون لتر تِتر کي هنيا، پر گسي ويس، اهي تنهنجي پٺڪي ۾ لڳا.

”تِتر ۽ منهنجي ڪانين تي! مون کي بيوقوف ٿو بڻائين. هڪ تہ مونکي پادر هنيئہ ٻيو وري تِتر جا بهانا ڪري، مونکي بيوقوف ٿو بڻائين، پر مان توکي ڪونہ ڇڏيندس“ ائين چئي پنهنجي دوست سان وڙهڻ لڳو. ٻئي همراه ڳنڍجي ويا. وڙهندي وڙهندي سندن نڪ ۽ وات مان رت وهڻ لڳو ۽ ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي وين. اهو ڏسي گدڙ کي ڏاڍي کل آئي ۽ کِلي کِلي پيٽ ۾ سُور پئجي ويس.

تِتر چيس تہ ”تنهنجو پهريون شرط پورو ٿيو. هينئر هل اڳتي. مان توکي جيئن اشارو

ڪريان تيئن ڪجانءِ.

”نيڪ آهي“ گدڙ وراڻيو.

هلندي هلندي ڏٺائون تہ ڪجهہ عورتون پنهنجن مڙسن لاءِ ٻنيءَ تي ماني کنيو ٿي ويون. تِتر هنن جي اڳيان وڃي منڊڪائي هلڻ لڳو. مائين سمجهيو تہ هيءُ تِتر ڦٽيل آهي، ڪا بندوق لڳي هوندس. اچو تہ هن کي پڪڙيون.“

مانيءَ واريون هڙون هيٺ رکي، لڳيون تِتر جي ڪڍ. تتر هڪ ٻوڙي ڪان ٻئي ٻوڙي ۾ لڪندو پڇندو رهيو. ايتري ۾ گدڙ کي موقعو ملي ويو ۽ مانيءَ جي هڪ هڙ کڻي ونئي پڳو. تتر بہ اڏامي اوڏي هليو ويو. ٿورو اڳتي وڃي گدڙ مزي سان ماني کائي ڍؤ ڪيو.

”هينئر تنهنجو پيو شرط بہ پورو ٿيو، ميجين ٿو يا نہ“ تِتر گدڙ کي چيو.

”ها، برابر ٻئي شرط پورا ٿيا، پر ٽيون شرط پورو ڪرين تہ پوءِ توکي ميان تہ برابر سچو دوست آهين، چاڪاڻ تہ دوست اهوئي آهي، جيڪو ڏکئي وقت ڪم اچي، پر اهو شرط تون پورو ڪري نہ سگهندين، چاڪاڻ تہ تون ننڍڙو ۽ هيڻو پکي آهين.“ گدڙ چيو.

تِتر چيس تہ ”هيڻو برابر آهيان، پر عقل ۾ ٻيڻو ٽيڻو آهيان. ڏس تہ ڪيئن نہ تو تنهنجي حياتي بچايان.“

گدڙ چيو تہ يار: ”هينئر مان ٿڪجي پيو آهيان. هل تہ گهر موٽي هلون.“ تِتر چيو تہ ساڳئي دڳ سان هلنداسون تہ گهڻو پنڌ ڪرڻو پوندو. درياهہ ۾ منهنجو هڪ مانگر مڇ دوست آهي. ان کي چئون ٿا تہ پنهنجي پنيءَ تي کڻي اسان کي پنهنجي گهر پهچائي اچي.

ٻئي سڏو مانگرمڇ وٽ آيا. گدڙ چيس تہ ”چاچا مانگر مڇ اسان کي کڻي هلي گهر پهچاءِ.“ ”حاضر بابا“ مانگرمڇ چيو.

پوءِ ٻئي ڄڻا مانگرمڇ جي پنيءَ تي ويهي رهيا. ٿورو اڳتي هلي مانگر مڇ چين تہ، ”جيڪڏهن مان ٽبي هڻي توهان ٻنهن کي ٻوڙي ڇڏيان تہ واهہ جو مزو ٿيندو. گدڙ کي ڏڪڻي ونئي وئي. موت اکين آڏو نظر اچڻ لڳس. تِتر مانگر مڇ کي چيو تہ، ”اسان سان

چالاڪيون نہ ڪر، تون اسان کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهين مان پڪي آهيان اڏامي ويندس، ۽ هيءُ گدڙ وڏو جادوگر آهي. جادو جي زور تي توکي ماري ڇڏيندو، تنهن ڪري اسان کي آرام سان ڪٽي هلي گهر پهچاءِ.“

مانگر مڇ بيوقوف، تِتر جي ڳالهہ سچي سمجهي. ڏاڍو ڊڄي ويو ۽ ٿيس تہ واقعي ڪٿي گدڙ جادو نہ ڪري، تنهنڪري آرام سان کين ڪٽي اچي ٻنهين کي گهر پهچايائين.

تِتر گدڙ کي چيو تہ، ”ڇا ٿو سمجهين، توکي خوب کلايم، ماني ڏيئي ڪري ڪارايم، تنهنجي حياتي بچايم، مطلب تہ تنهنجا ٽئي شرط پورا ڪيم، هينئر تہ مڃين ٿو نہ .....“برابر، تو منهنجا ٽيئي شرط پورا ڪيا، پر ٻيلي تون ڏاڍو چالاڪ آهين. اهڙي چالاڪ سان مان دوستي نہ ڪندس.“ ائين چئي گدڙ تِتر کان موڪلائي هليو ويو.



سچا ساٿي

ڪوئي، ڪبر ۽ ڪُميءَ جي پاڻ ۾ دوستي هوندي هئي. هو هڪ ٻئي کي تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. گڏ گهمندا هئا. گڏ کائيندا هئا ۽ گڏجي ڪچهريون ڪندا هئا. هڪ ڀيري هو پاڻ ۾ ڀوڳ چرچا ڪري رهيا هئا تہ هڪ هرڻي ڀڄندي ڏٺائون، جيڪا هنن ڏانهن اچي رهي هئي. هنن کي پڪ ٿي تہ ڪو شڪاري هرڻيءَ جي پٺيان آهي. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اسان کي هن جي مدد ڪرڻ گهرجي. پر في الحال پنهنجو بچاءُ ڪريون پوءِ هن جي مدد ڪنداسون.

ڪمي ڀرواري تلاءَ ۾ هلي وئي. ڪوئو هڪ ٻر ۾ گهڙي ويو ۽ ڪبر اڏري وڃي هڪ وڻ تي ويٺي. هرڻي ڀڄندي اچي ان تلاءَ جي ڀرسان بيٺي. ڪبر هيڏانهن هوڏانهن

نهاري ڏنو تہ ڪيس ڪو ماڻهو نظر نہ آيو ۽ ڪميءَ کي سڏ ڪيائين. ڪمي پاڻيءَ مان منهن ٻاهر ڪڍيو، ڏٺائين تہ هرڻي ڏاڍي اچايل آهي. چيائينس تہ ڊڄ نہ پاڻي پيءُ. هرڻي مزي سان پاڻي پيتو پوءِ ڪمي چيس تہ تون ڇاجي ڪري ڀڄي رهي آهين ڪو شڪاري پٺيان اٿئي ڇا؟

”ها هڪ شڪاري پٺيان هو، مان وڏي مشڪل سان پنهنجي جان بچائي ڀڄي آئي آهيان“ هرڻي چيو.

”هينئر تون ڪو ڀؤ نہ ڪر اسان جي سنگت ۾ اچي وڃ، اسان تنهنجي هر طرح مدد ڪنداسون.“ ڪميءَ کيس چيو. پوءِ ڪوئو ٻر مان نڪري آيو، ڪبر وڻ تان هيٺ لهي آئي، چئن جي پاڻ ۾ گهري دوستي ٿي وئي. مزي سان ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ڪوئي، ڪمي ۽ ڪبر ڏنو تہ هرڻي غائب آهي. انهن گهڻو ئي هن جو انتظار ڪيو، پر هرڻي نہ موٽي، نيٺ ٽنهي صلاح ڪئي تہ هرڻيءَ جي ڳولا ڪيون.

ڪبر مٿي اڏامي، هيڏي هوڏي نهاريندي ڏٺو تہ هرڻي هڪ هنڌ ڄار ۾ ڦاٿل آهي. هڪدم هيٺ لهي آئي ۽ پنهنجن دوستن کي ٻڌايائين تہ ويچاري هرڻي کي ڪنهن ماريءَ ڄار ۾ ڦاسايو آهي. هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اچو تہ هتي ويهي ويچار ٿا ڪريون تہ ڪهڙي ريت کيس ڄار کان ٻاهر ڪڍون. ڪئي چيو تہ اهو ڪم مون تي ڇڏيو. ڪبر کي چيائين تہ جلدي مون کي اتي کڻي هل، مان پنهنجن ڏندن سان ڄار ڪتري ڇڏيندس، پوءِ هرڻي ٻاهر نڪري ايندي.

ڪبر ڪئي کي کڻي اچي ان جاءِ تي پهتي، جتي هرڻي ڦاٿل هئي. ڪئي ڄار ڪترڻ شروع ڪيو. هن ڪجهہ دير ۾ ڄار ڪتري ڇڏيو. جڏهن هرڻي ٻاهر نڪتي تہ ڪُمي بہ اچي پهتي. هرڻي چيس تہ. ”تون ڇو آئي آهين. تون تکو ڊوڙي نہ ٿي سگهين. ماري توکي پڪڙي وٺندو. مان تہ هينئر آزاد آهيان. تکو تکو ڀڄي ويندس. ڪئو ٻر ۾ لکي ويندو. ڪبر اڏري ويندي. تون ڦاسي پوندين.“

ايتري ۾ شڪاري اچي نڪتو. هرڻي شڪاري کي ڏسي ڀڄي وئي ڪبر اڏري وئي، ڪئو ٻِر ۾ لکي ويو، پر ويچاري ڪُمي اتي رهجي وئي. شڪاري ڏٺو تہ هرڻي ڀڄي

وئي. ڪيس ڏاڍو افسوس ٿيو. هيڏي هوڏي نهاريائين تہ ڪيس هڪ ڪمي نظر آئي.

شڪاري سوچيو تہ هتين خالي هليو وڃڻ کان بهتر آهي تہ ڪمي پڪڙي کڻي وڃان. سٽ ڏيئي ڪمي کي جهلي کڻي ڄار ۾ وجهي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو.

ٿوري دير کان پوءِ ڪئو، ڪبر ۽ هرڻي اتي آيا. ڏٺائون تہ ڪمي ڪانہ آهي. ڪين پنهنجي دوست جي پڪڙجڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. اتي ويهي روئڻ لڳا. ڪبر ڪين چيو تہ "روئڻ پٽڻ مان ڇا ورندو. اچو تہ ان کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريون."

سوچ ويچار کان پوءِ، ڪئي هرڻي کي چيو تہ تون شڪاريءَ جي آڏو منڊ ڪائي هل، هو سمجهندو تہ هرڻي واقعي زخمي آهي. هو ڄار رکي تنهنجي پٺيان پوندو، پوءِ مان ڄار ڪتري ڪميءَ کي ڇڏائي وٺندس."

هرڻي چيو تہ "واه جا ڳالهہ ڪئي اٿيئي. مان هيئنر ئي ان جي اڳيان وڃي منڊ ڪائي هلان ٿي. پوءِ تون ڄار ڪتري وٺجانءِ."

سڀني کي اها صلاح وڻي. هرڻي شڪاريءَ آڏو ٿوري مفاصلي تي منڊ ڪائي هلڻ لڳي. شڪاري ڏاڍو خوش ٿيو! سوچيائين تہ ڏڳ ويندي شڪار هٿ آيو آهي، اجهو ٿو هرڻي کي جهلي وٺان. ڄار هيٺ رکي، لڳو هرڻيءَ جي ڪڍ.

ايتري ۾ ڪئي کي وجهہ ملي ويو ۽ هن ڄار ڪتري ڪميءَ کي ڇڏائي ورتو.

شڪاري هرڻي جي پٺيان ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو، نيٺ نا اميد ٿي ڄار کڻڻ لاءِ واپس موٽي آيو. ويجهو اچي چيائين تہ "هرڻي هٿ نہ آئي تہ پرواه نہ آهي. اڄ جو شڪار هيءَ ٿلهي ڪمي ڪافي آهي."

جڏهن ڄار کنيائين تہ ڪيس هلڪو لڳو. کولي ڏٺائين تہ ڪمي ڪانہ هئي. سوچيائين تہ هرڻي بہ ڄار مان ڇڏائي وئي. ڪمي بہ ڀڄي وئي. آخر مايوس ٿي واپس گهر موٽي آيو.

پوءِ چارئي دوست اچي هڪ ٻئي سان مليا ۽ شڪاري کي بيوقوف بنائڻ تي ڏاڍو ڪليا ۽ ڪمي جي ڇوڏاري ڦرندي خوشي مان نچڻ ۽ ڳائڻ لڳا.



وفادار دوست

آسُو نالي هڪ شخص ڪنهن شاهوڪار وٽ نوڪر هو. سندس مالڪ وڏو ڪٺور انسان هو. ڪيس روزانو مارڪُٽ ڪندو هو. پنهنجي مالڪ جي ظلمن ۽ زيادتين کان تنگ اچي، هن پڪو پهه ڪيو تہ هو وجهہ وٺي، هتان ڀڄي ويندو.

نيٺ هڪ ڏينهن هو اتان ڀڄي ويو. پنڌ ڪندي لڪندي ڇپندي، هو هڪ ٻيلي ۾ وڃي پهتو. ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ، گهمندو ڦرندو رهيو ۽ جهنگ جا ميوا کائي گذر سفر ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن گهمندي ڦرندي هو هڪ غار جي منهن وٽ پهتو. هن سوچيو تہ ڇو نہ انهيءَ غار ۾ ٻہ چار ڏينهن رهان. وٽن هيٺان رهڻ کان بهتر آهي تہ هن غار ۾ رهان. ڪجهہ گاهہ پٽي ڪٽي اندر غار ۾ رکيائين تہ جيئن نرم گاهہ تي مزي سان سمهي سگهي.

ان غار ۾ مجاڻ هڪ شينهن رهندو هو، جيڪو ان ڏينهن شڪار تي ويل هو. آسُو جيئن اندر گاهُ رکي رهيو هو تہ شينهن اچي اتي نڪتو. شينهن کي ڏسي آسُو پڻ ۾ ڏکي ويو. پڪ ٿيس تہ شينهن کيس کائي ڇڏيندو، پر ويچاري کي بچڻ جي ڪا واهہ ڪانہ هئي، تنهنڪري مرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هن کي ان ڳالهہ تي حيرت ٿي تہ شينهن کيس ڏسي نہ تہ ڪاوڙ ۾ ڪا گجگوڙ ڪئي ۽ نہ وري مٿس حملو ڪيو. هو منجهيل نظر ٿي آيو. هن پنهنجو چنبو آسُوءَ ڏانهن ڊگهيريو. شينهن جي نماڻائي ڏسي، آسو جو پڻ پولو ختم ٿي ويو. آسُو ڏٺو تہ شينهن جي چنبي تي سوج هئي ۽ هڪ هنڌ هڪ وڏو ڪنڊو چڀيل هو.

آسُو ڪنڊو آڱرين ۾ جهلي هوريان هوريان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. شينهن جو سُور ختم ٿي ويو. پوءِ ٻئي اتي غار ۾ گڏ رهڻ لڳا. ٻنهن جي پاڻ ۾ گهري دوستي ٿي وئي.

هڪ ڏينهن ڪجهہ شڪاري ٻيلي ۾ شڪار ڪري رهيا هئا. هنن جيئن ئي آسُوءَ کي ڏٺو تہ کيس سڃاڻي ورتائون ۽ وٺي سوگهو ڪيائونس ۽ کيس آڻي ان شاهوڪار جي هٿ ۾ ڏنائون.

امير ۽ شاهوڪار ايڏا ظالم هوندا هئا، جو سندن جيڪو نوڪر ڀڄي ويندو هو ۽ پوءِ هو ان کي پڪڙي وٺندا هئا تہ انجو شينهن يا چيتي سان مقابلو ڪرائيندا هئا. ان ڏينهن شهر جا هزارين ماڻهو رونشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا، ڄڻ شهر ۾ ميلو لڳي ويندو هو.

هڪ ڏينهن شهر جي ماڻهن ۾ پڙهو گهمايو ويو تہ سڀاڻي آسُو ۽ شينهن جو مقابلو ٿيندو. ٻئي ڏينهن امير غريب هزارين ماڻهو رونشو ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. آسُو کي ڪٺهڙي ۾ بيهاري شينهن کي پڃري مان ڪڍيو ويو.

شينهن جيئن ٻاهر نڪتو تہ ڪاوڙ مان گجگوڙ ڪندو، ان نوجوان طرف وڌڻ لڳو. آسُو شينهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ بهادريءَ سان بيٺو رهيو. شينهن جيئن ئي آسُو جي ويجهو آيو تہ سندس ڪاوڙ ختم ٿي وئي ۽ اچي آسُو جي پيرن تي ڪري پيو، آسُو کيس

پيار مان پاڪر پاتو. شينهن آسُو جي هٿن کي چُميون ڏيندو رهيو.

رونشي ڪوڏيا حيران ٿي ويا تہ هي ڇا پيو ٿئي، شينهن جهڙو خطرناڪ جانور آسُو جا هٿ پيو چمي. پر ڪين خبر نہ هئي تہ هي اهو شينهن هو، جيڪو آسُو جو دوست هو، اتفاق سان شڪاري ٻيلي مان ان کي پڪڙي آيا هئا.

شاهوڪار شخص آسُو کان پڇيو تہ ڇا ڳالهہ آهي؟ شينهن توتي حملي ڪرڻ بجاءِ پيار پيو ڪري. آسُو سڄي ڳالهہ سيني کي ٻڌائي. اهو ٻڌي سيني تماشاين ان شاهوڪار شخص کي چيو تہ آسُو کي آزاد ڪر ۽ شينهن کي بہ آزاد ڪري ڇڏ. شاهوڪار شخص ماڻهن جي ڳالهہ مڃي، ٻنهين کي آزاد ڪري ڇڏيو. آسُو اڳ ۾ شينهن سندس پٺيان شهر جي گهٽين مان گهمندا ٻئي پري هليا ويا.



گدڙ ۽ بدڪ

ڪنهن زماني ۾ گدڙ ۽ بدڪ جي گهاٽي دوستي هوندي هئي. بدڪ ڏاڍي محنت ڪندي هئي ۽ گدڙ نڪمون ۽ چالاڪيون ڪري پرائو مال ڦٻائيندو هو. بدڪ هڪ ڏينهن گدڙ کي چيو تہ " يار! هن طرف هڪ زمين جو ٽڪر خالي پيو آهي. منهنجي صلاح آهي تہ تون ۽ مان گڏجي ڪو فصل پوکيون."

"واه جي ڳالھ ڪئي اٿئي تمام سنو" گدڙ جواب ڏنو.

"جيستائين فصل پوکڻ جي موسم اچي، تيستائين زمين صاف ڪريون." بدڪ ڪيس چيو

"نہ نہ مان ڪونہ هلندس، مون کي ننڊ ٿي اچي. تون وڃين زمين صاف ڪر." گدڙ وراڻيو.

بدڪ ويچاري وڏي محنت ڪري زمين صاف ڪئي، پوءِ گدڙ کي چيائين "ادا هينئر موسم اچي وئي آهي، اچ تہ زمين ۾ ٻج پوکيون."

"اوهو! مون کي هڪ ضروري ڪم سان وڃڻو آهي. تون وڃي ٻج پوکي اچ."

بدڪ ويچاري پاڻ وڃي زمين ۾ ٻج پوکيو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ وري گدڙ کي چيائين تہ،"ڪڻڪ سني ٿي آهي، هل تہ ٻنيءَ مان گاهہ گند صاف ڪريون.

"واھ واھ تمام سنو، پر اهو ڪم تنهنجو آهي، منهنجو ناهي." گدڙ جواب ڏنو. بدڪ ويچاري زمين جو گاهہ گند پاڻ صاف ڪيو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري بدڪ گدڙ کي چيو تہ ڪڻڪ پچي ويئي آهي. سنگن مان ان ڇڻي زيان ٿئي ٿو. اچ تہ لابارو ڪريون.

"واھ واھ ڏاڍي چڱي ڳالھ ٻڌائي اٿئي، پر مون کي بک لڳي آهي. مان شڪار تي وڃان ٿو." گدڙ ڪيس رکو جواب ڏنو.

بدڪ ويچاري ڏٺو تہ گدڙ سچو دوست نہ آهي. هي پيو ٽڳيون، چالاڪيون ۽ بهانا ڪري، تنهنڪري سوچيائين تہ ان جو ڪو بندوبست ڪرڻ گھرجي. هوءَ سڌو هڪ ڪتي وٽ ويئي ۽ ان کي سڄي ڳالھ ٻڌايائين. ڪُتي چيو تہ "تون پرواھ نہ ڪر. هن کي مان پاڻ سيکت ڏيندس، تون وڃي لابارو ڪر. سٽريون هڪ هنڌ گڏ ڪري رک پوءِ مون وٽ اچ، ۽ گدڙ کي بہ ٻڌاءِ."

بدڪ لابارو ڪري سٽريون هڪ هنڌ گڏائي رکيون، پوءِ سڌو ڪتي وٽ ويئي. ڪتو پڄندو آيو ۽ اچي گاهہ ۾ لڪي ويهي رهيو پاڻ کي سڄو ڍڪي ڇڏيائين. فقط هڪ اک ظاهر هيس تہ جيئن ڪجھ ڏسي سگهي. ٿوري دير کان پوءِ گدڙ اتي آيو. ڏٺائين تہ ڪڻڪ جون سٽريون پيون آهن. اُهي ڏسي خوشيءَ مان نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو.

واھ وا ڪڻڪ منهنجي واھ وا ڪڻڪ منهنجي.

سڄي ڪڻڪ منهنجي- واھ وا ڪڻڪ منهنجي....

راڳ ڳائي پوءِ ويجهو آيو. گاهہ ۾ ڪتي جي اک ڏسي، هن سمجهيو تہ اهو انگور آهي. ڏاڍو خوش ٿيو. "واھ واھ هت انگور بہ آهن." ايتري ۾ ڪتو ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪتو ۽ گدڙ کي چيري ٽڪر ڪري ڇڏيائين. بدڪ ويچاري محنت مزوريءَ سان ڳاهہ ڳاهي،اَن گهر ڪٺائي ويئي ۽ سک سان زندگي گذارڻ لڳي.

جادو جو هوائي جهاز

عيد جي ڏينهن ساجد کي سندس پيءُ ڪيترائي رانديڪا وٺي ڏنا. جن ۾ ريل، موٽر، هاٿي، گهوڙو، شينهن ۽ هڪ جهاز پڻ هو، جيڪو ڪيس سڀ کان وڌيڪ وڻيو. هو سارو ڏينهن ان هوائي جهاز سان کيڏندو رهيو. ايئن کيڏندي کُڏندي ڪيس رات ٿي ويئي ۽ ماني کائي سمهي پيو.

اڌ رات جي مهل جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي ننڊ ۾ هئا، تڏهن اوچتوئي ساجد جاڳي پيو. هو هوريان هوريان پنهنجي هنڌ مان اٿيو چپ چپات ۾ گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

سندس گهر جي ويجهو هڪ ننڍڙو باغ هيو، سڌو اوڏانهن هليو ويو. اتي وچي چبر تي پنهنجو ننڍڙو هوائي جهازکولي ان سان کيڏڻ لڳو.

خدا جي قدرت سان اهو ننڍڙو جهاز وڏو ٿي ويو. اهو ڏسي ساجد کي پهريائين تہ ڏاڍي حيرت لڳي ۽ پوءِ هوڏاڍو خوش ٿيو ۽ بسم الله ڪري ان جي اندر وچي ويهي رهيو. جهٽ ۾ جهاز مٿي اڏاڻو.

ٿوري دير کان پوءِ ساجد جو هوائي جهاز سمنڊن پهاڙن ۽ ميدانن مٿان اڏامندو هڪ عاليشان سونهري ماڙيءَ وٽ پهچي ويو. ان ماڙيءَ ٻاهران هڪ تمام سهڻي ڇوڪري هيرن موتين واري پوشاڪ پهريون بيٺي هئي. ڇوڪري کي ڀنيوريءَ جهڙا سهڻا کنڀ هئا ۽ سندس مٿي تي سونن موتين جو سهڻو تاج هو. ساجد ان ماڙيءَ وٽ پنهنجو هوائي جهاز هيٺ لاٿو ۽ ان ماڙي جي آڏو هيٺ لهي بيهي رهيو. اها خوبصورت پري مرڪندي وٽس آئي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ ”ننڍڙا ساجد آءٌ پرين جي راڻي آهيان، ڊڄ نہ مان توکي پرين جي ملڪ جو سير ڪرائينديس.“

ائين چئي پرين جي راڻي ساجد کي پنهنجي ماڙيءَ ۾ وٺي ويئي، جتي هڪ وڏي ڪمري ۾ هڪ ميز تي طرح طرح جا طعام رکيل هئا ۽ ڪيتريون ئي پريون ڪرسين تي ويٺل هيون. راڻيءَ کي ڏسي سڀ پريون ادب مان اٿي بيهي رهيون. پرين جي راڻي ساجد کي هڪ ڪرسي تي ويهاريو ۽ پاڻ سندس ڀرسان هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. راڻيءَ کي ڏسي، ٻيون سڀ پريون پنهنجين پنهنجين ڪرسين تي ويهي رهيون.

ان کان پوءِ پرين جي راڻي سيني کي ماني کائڻ جو اشارو ڪيو ۽ پوءِ سڀ پريون ساجد سان گڏ ماني کائڻ لڳيون. ساجد خوب ڍؤ ٿي ماني کاڌي. اهڙا سوادي کاڌا هن ڪڏهن ڪونہ کاڌا هئا.

مانيءَ کان پوءِ پرين جي راڻي ساجد کي باغن جو سير ڪرايو ۽ کيس پرين جا پيارا پيارا گيت ٻڌايا. ساجد کي پرين جو ملڪ اهڙو تہ وڻي ويو، جو، هو گهر موٽڻ جي نہ

پيو ڪري ۽ پرين جي راڻي کي چوڻ لڳو تہ "بس مان هاڻي هتي رهندس."

اهو ٻڌي پرين جي راڻي کلڻ لڳي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ "تنهنجا ماءُ پيءُ تو لاءِ ماندا ٿيندا، تنهن ڪري تون پنهنجي گهر موٽي وڃ." "ٺيڪ آ ڀلا پيري مان هتي موٽي سگهندس." ساجد پرين جي راڻي کان پڇيو. پرين جي راڻيءَ چيو. "هر سال عيد جي موقعي تي منهنجو هڪ نوڪر عيد جي راندين ۾ هڪ جادو جو هوائي جهاز رکي ايندو آهي، جنهن ٻار کي اهو جهاز ملي ويندو آهي، تنهن کي آءٌ عيد واري رات پرين جي ملڪ جو سير ڪرائيندي آهيان. پوءِ جيڪڏهن ايندڙ سال اهو جهاز تنهنجي ڀاڱي ۾ اچي ويو تہ پوءِ تون ايندڙ سال بہ هن ملڪ جو سير ڪري سگهندين."

ٿوري دير کان پوءِ ساجد پرين جي راڻيءَ کان موڪلائي اچي پنهنجي جهاز ۾ ويٺو، اڏامندو اڏامندو اچي پنهنجي گهر پهتو.

صبح جو جڏهن ننڊ مان اٿيو تہ پنهنجي امڙ کي پرين جي ملڪ واري سير جي سموري ڳالهہ ٻڌايائين، سندس ماءُ مرڪندي کيس چيو تہ، "پٽ رات ننڊ ۾ خواب لڌو هوندءِ."

پر ساجد هڪ ڳالهہ مڃي نہ پيو. گهڙي گهڙي چوندو رهيو تہ "مون پنهنجي اکين سان پرين جو ملڪ ڏٺو آهي. مان پرين جي راڻي سان ملي آيو آهيان. مون پرين جي ملڪ جا مزيدار طعام کاڌا آهن. پرين کان پيارا پيارا گيت ٻڌا اٿم." مان... پر ڪنهن بہ سندس اها ڳالهہ نہ مڃي ۽ هو ايندڙ سال وري عيد جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ الله سائين کان دعا گهرڻ لڳو تہ "منهنجا مولا ! ايندڙ سال بہ اهو جادو وارو جهاز مون کي ڏيارجانءِ تہ جيئن وري پرين جي ملڪ جو سير ڪري اچان."

سياڻو سَهو
موڳو مانگر مڇ

هڪڙي ٻيٽ تي هڪ سهو رهندو هو. هڪ هنڌ رهي هو بيزار ٿي پيو. سوچيائين تہ وڃي پر واري ٻيٽ تي رهان، پر جيئن تہ وچ ۾ وڏو پاڻي هو ۽ مفاصلو بہ گهڻو هو، تنهنڪري هو ٻِئي ٻيٽ تائين پهچي نہ ٿي سگهيو. صبح جو سوير اچي ڪناري تي ويهي رهندو هو. سڄو ڏينهن سوچيندي ۽ سَڏون ڪندي شام ٿي ويندي هُيس. ايئن مهينا لنگهي ويا، پر هن آسرو ڪونہ لاٿو. هر روز وڃي ٻيٽ جي ڪناري تي ويهي رهندو هو.

هڪ ڏينهن ڏٺائين تہ هڪ مانگر مڇ ترندو پيو اچي. مانگر مڇ جڏهن ڪناري تي

پهتو، تہ سهيٰ چيس تہ، ”يار! اڄ تہ گهڙي پل ڪچهري ڪريون. تون بہ اڪيلو آهين مان بہ اڪيلو آهيان، بہ جڻا ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪيون.“ مانگر مڇ ڪي سهي جي ڳالهہ وڻي وئي. هو ٻاهر اچي سَهي جي سامهون ويهي رهيو.

هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي، سهي پڇيس تہ، ”ڏي خبر! دنيا ۾ مانگر مڇ گهڻا آهن يا سَها؟“ مانگر مڇ هڪدم وراڻيو تہ مانگر مڇ گهڻا آهن. پر سَهي چيو تہ نہ سَها گهڻا آهن. مانگر مڇ چيس تہ، ”اها تہٰ خبر اٿئي تہ دنيا جا ٽي حصا پاڻي آهي، چوٿون حصو خشڪي آهي، تنهنڪري ظاهر آهي تہ مانگر مڇ گهڻا هوندا.“ پر سهي سندس ڳالهہ نہ مڃي. گهڻو بحث مباحثو ڪيائون پر ڪو ڪنهنجي ڳالهہ نہ پيو مڃي. نيٺ سهي چيس تہ: ”يلا هيئن ڪر، تون گهٽي ڪان گهڻان مانگر مڇ وٺي اچ. مانگر مڇ ٽُٻي هنئين ۽ ٿوري دير ۾ هزارن جي تعداد ۾ مانگر مڇ مِڙي ويا. سَهي چيس تہ.“هُن کي چئو تہ هِن ٻيٺ کان هُن ٻيٺ تائين سڌا ٽي سُمهي پون، مان ڳڻي ڏسان تہ ڪيترا آهن.“

مانگرمڇ پنهنجن دوستن کي چيو،” هن ٻيٺ کان هن ٻيٺ تائين سمهي پئو.“ هو سڀ قطار ۾ سمهي پيا. سهي چين تہ، ”آرام سان سمهي پئو، چُرپُرَ نہ ڪجو نہ تہ ڳڻڻ ۾ ڀُل ٿيندي. پوءِ سهو، مانگرمڇن مٿان ٽپا ڏيندو، مزي سان وڃي ٻئي ٻيٺ تي پهتو.

مانگر مڇ چيس تہ ”ڪيئن! هاڻي تہ مڃيندين نہ، تہ دنيا ۾ مانگر مڇ گهڻا آهن.“ سهي چيس تہ، ”گهڻا هجن يا ٿورا، مون کي پرئين ٻيٺ تي وڃڻو هو. توهان سان اٽڪل ڪيم. توهان جيترا ڏگها آهيو. اوترا بيوقوف آهيو.“ ايئن چئي سهو خوشيءَ مان ٽپا ڏيندو، جهنگ ۾ هليو ويو.



سياڻو سهو بيوقوف بگهڙ

هڪ ڏينهن هڪ بگهڙ شڪار جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيو هو. هلندي هلندي، هن هڪ خچر تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جيئن ئي خچر جي ويجهو پهتو ته خچر سمجهي ويو ته هي مون کي ماري ڇڏيندو، تنهن ڪري هن هڪ اٽڪل ڪئي. بگهڙ کي چيائين ته: اڄ مون کي نه کاءُ، مان اڃا ننڍو ۽ ڏٻرو آهيان. سياري جا ٽي مهينا گاهُ کائي وڏو ۽ ٿلهو ٿي ويندس، پوءِ مون کي کائجانءِ. مان واعدو ٿو ڪريان ته بهار

جي موسم ۾ هن جاءِ تي توسان ضرور ملندس.“

”ٺيڪ آهي، تون بہ ٽي مهينا ڪائي پي وٺ، پوءِ بهار جي موسم ۾ هتي موٽي اچجانءِ.“ ٻگهڙ ڪيس چيو. ايئن چئي، هو اتان هليو ويو ۽ خچر مزي سان گاهہ کائيندو رهيو.

جڏهن بهار جي موسم آئي تہ ٻگهڙ ان پاسي هليو، جتي ڪيس خچر مليو هو. هلندي هلندي واٽ تي ڪيس هڪ لومڙ گڏيو. پڇيائينس تہ ”يار! سويرو ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”ٿورو اڳتي هڪ خچر رهي ٿو. اڄ ان سان انجام آهي. ڪيس ماري مزي سان کائيندس.“ ٻگهڙ چيو.

”واهہ واهہ، تون تہ ڏاڍو ڀاڳ وارو آهين، جو وڃي خچر کائيندين. پر يار: ايڏو وڏو خچر تون اڪيلو ڪيئن کائي سگهندين؟ مون کي بہ وٺي هل تہ ان کي دسڻ ۾ تنهنجي مدد ڪندس، پوءِ ڪجهہ گوشت مون کي بہ ڏجانءِ.“ لومڙ ڪيس چيو.

”ٺيڪ آهي، تون بہ هل!“ ٻگهڙ ڪيس جواب ڏنو. پوءِ ٻئي گڏجي هلڻ لڳا. هلندي هلندي واٽ تي کين هڪ سهو گڏيو. سهي چين تہ، ”يائرو! صبح سوير ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”اسان هڪ خچر کي کائڻ پيا وڃون. ٿورو اڳتي هو اسان جي انتظار ۾ ويٺو هوندو.“ ٻگهڙ جواب ڏنو.

”جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ مان بہ توهان سان گڏ هلان. خچر هڪ وڏو جانور آهي. ان کي دسڻ ۾ مان اوهان جي ڪجهہ مدد ڪندس، پوءِ وٺيو تہ منهنجي حصي جو ڪجهہ گوشت مون کي ڏجو، نہ ڏنو تہ بہ پرواهہ نہ آهي. مان فقط اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.“ سهي وراڻيو.

”ڏاڍو سٺو، تون بہ هل، هڪ کان ٽي ڄڻا هجن تہ چڱو.“ ٻگهڙ جواب ڏنو.

پوءِ ٻيئي جانور هلندا اچي ان هنڌ پهتا، جتي خچر ملڻ جو انجام ڪيو هو. ڏٺائون ته خچر انتظار ۾ بيٺو آهي. هيئنر هو ڪائي ٻي وڏو به ٿي ويو هو ته ڪجهه ٿلهو به نظر ٿي آيو. خچر کي ڏسي بگهڙ، لومڙ ۽ سهو گهڻو خوش ٿيا. ويجهو اچي بگهڙ خچر کي چيو ته "ڀيلي! تون واقعي واعدي جو سچو آهين. هيءُ لومڙ ۽ سَهو منهنجا سنگتي آهن، هنن کي بک لڳي هئي، هنن چيو ته خچر وڏو جانور آهي، هيئنر هو ڏاڍو ٿلهو هوندو، هن شڪار ۾ اسان کي به ڀائيوار ڪر، تنهن ڪري هي مون سان گڏ آيا آهن."

ايئن چئي، هو خچر تي حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته سهي روڪيس. چيائينس، "بيهه! تڪڙ نه ڪر. ايئن کيس مارينديں ته هن جو رت وهي ويندو، پوءِ گوشت کائڻ ۾ مزو نه ايندو."

"ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟" بگهڙ کائنس پڇيو.

سهي چيو ته "مان ٻڪرار کان رسو وٺي ٿو اچان. پوءِ سُرڪڻ ڦاهي ٺاهي، خچر جي ڳچيءَ ۾ وجهنداسون. ٻيون سرڪڻ ڦاهيون، تنهنجي ۽ لومڙ جي ڳچيءَ ۾ وجهي، پوءِ رسي کي ڇيڙي کان جهلي، وٺي زور سان ڇڪ ڏيندس، توهان به زور سان ڇڪ ڏجو، ايئن خچر کي گهوگهي ماريندا سون.

اها ڳالهه سڀني کي وڻي. پوءِ سهو ٻڪرار وٽان رسو وٺي آيو ۽ سرڪڻ ڦاهي ٺاهي، پهريائين خچر جي ڳچيءَ ۾ وڌائين، پوءِ بگهڙ جي ڳچيءَ ۾ ان کان پوءِ لومڙ جي ڳچيءَ ۾. سرڪڻ ڦاهي وجهي، رسو جهلي ڇڪ ڏنائين. ٻين دوستن کي به چيائين ته "همت ڪريو، زور ڏيو، اجان وڌيڪ زور ڏيو.... شاباس..... زور ڏيو."

خچر سگهارو جانور هو، تنهن ڪري هن کي ڪا پرواهه ڪانه هئي، پر بگهڙ ۽ لومڙ کي اهڙو گهڻو آيو، جو ٿوري دير ۾ هو مري ويا. سهي به رسو ڇڏي ڏنو. آخر خچر، بگهڙ ۽ لومڙ کي گهليندو پري هليو ويو.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)